SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريه 1974

# SINDH ACT NO.XV OF 1974

# اولهه پاڪستان تفريحن تي عائد ڊيوٽي (سنڌ ٻي ترميم) ايڪٽ، 1974

# THE WEST PAKISTAN ENTERTAINMENT DUTY (SINDH SECOND AMENDMENT) ACT, 1974

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
2. اولهه پاڪستان ايڪٽ X مجريه 1958 جي دفعه 6 جي ترميم
3. اولهه پاڪستان ايڪٽ X مجريه 1958 جي دفعه 11 جي ترميم
4. سنڌ آرڊيننس XII مجريه 1974 جي منسوخي

# سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريه 1974
# SINDH ACT NO.XV OF 1974
# اولهه پاڪستان تفريحن تي عائد ڊيوٽي (سنڌ ٻي ترميم) ايڪٽ، 1974
# THE WEST PAKISTAN ENTERTAINMENT DUTY (SINDH SECOND AMENDMENT) ACT, 1974

[9 نومبر 1974]

هن ايڪٽ جي توسط سان اولهه پاڪستان تفريحن تي عائدڊيوٽي 1958 ايڪٽ ۾ اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي، تہ جيئن ان کي سنڌ صوبي ۾ نافذ ڪرڻ جي قابل بڻائي سگهجي.

تمهيد (Preamble)

هن ايڪٽ جي توسط سان اولهه پاڪستان تفريحن تي عائدڊيوٽي 1958 ايڪٽ ۾ اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي، تہ جيئن ان کي سنڌ صوبي ۾ نافذ ڪرڻ جي قابل بڻائي سگهجي.

جنهن کي هيٺين ريت تبديل ڪيو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن ايڪٽ کي اولهه پاڪستان تفريحن تي عائد ڊيوٽي (سنڌ ٻي ترميم) ايڪٽ، 1974 چيو ويندو.

(2) هي فوري طور نافذ ٿيندو.

اولهه پاڪستان ايڪٽ X مجريہ 1958 جي دفعہ 6

2. اولهه پاڪستان تفريحن تي عائد ڊيوٽي ايڪٽ 1958 کي سنڌ ۾ نافذ ڪرڻ لاءِ ان جي دفعہ نمبر 6 جي لفظن "پنج سئو" ۽ لفظن "پنج دفعا" کي بالترتيب "ڏهہ

هزار" ۾ "ڏهه دفعا" سان تبديل ڪيو ويندو.

3. مذڪوره ايڪٽ جي دفعه 11 جي ذيلي دفعه (3) جي لفظن "پنج سئو" کي "ڏهه هزار" سان تبديل ڪيو ويندو.

4. اولهه پاڪستان تفريحن تي عائد ڊيوٽي (سنڌ ۾ ترميم) آرڊيننس، 1974 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**

جي ترميم

اولهه پاڪستان ايڪٽ X مجريه 1958 جي دفعه 11 جي ترميم

سنڌ آرڊيننس XII مجريه 1974 جي منسوخي